# قاضي قادن
# جا بيت

شري هيري ٺڪر، هڪ مڙهيءَ مان هي ڪلام هٿ ڪري ان جي پڙهٽي قائم ڪري، ان کي ڇپايو. هي ڪلام انڊيا جي هرياڻا صوبي ۾ راڻيلا نالي ڳوٺ مان هٿ آيو. اتي هڪ پستڪ ۾ ڪبير، سورداس، دادوديال ۽ شاهه حسين جي ڪلام سان گڏ ديوناگري لکت ۾ لکيل هيو. تنويرعباسي هيروٺڪر جي ڪتاب ”قاضي قادن جو ڪلام“ تان هي بيت نقل ڪيا آهن.


سنڌي عوامي برقي ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

1

زيران زبران آيتان ، ڪتيبان جي پڙهيئہ،
ايهہ سبائي سڪ، جان جان پرين نہ مڙيئہ.

2

پڙهندو پئي ويو، ڪوڙين لڪ قراڻ،
لکي لوڪ نہ سگهيو، پاڻي اندر پاڻ.

3

درپورا سي گهران، حقيقتا هنجهہ،
ڪوڙين هنڌان ڪڻ چڱن، سرپاڻي جي منجهہ.

4

انهان اندر ماهہ ، ٻاهر ڏڪ نہ پڌرا،
ويد ڪريندو دانهہ، پسان سي واڍوڙيا.

5

لڳي وجان پير، دانهان ڪندي ڏونگر،
سوئي سڄڻ ميڙ، جنهين هئون ڏڪڻي.

6

جتي سنسار سچ سان، سہ جا سائين ساڻ هوءِ،
تو پڌر هي ٻيڙا تري ، جہ ٿانءَ نير نہ ڪوءِ.

7

سيڻان هنڌو سگيو، پپيهو آيو،
لکي لوڪ نہ سگهيو، اسان ڳالهايو.

8

سچي سائين سان تون، مَ ڪر ڪوڙي ڪوڙيان،
جي تو منجهہ هيان، وو سي ڪلي پرڪٽو.

9

سچ پيارا سائينيان، سائينءَ سچ سهاءِ،
سچي منگل نہ دهئہ، سچي سرپ نہ کاءِ،
سچ سمندان سرچڙهئہ، ڪوڙڪائين باهہ،
جڏهن ڪڏهن ڪوڙ کي، ڏيندو سچ سزاءِ.

10

تون آڌار سڌار تون، تون اڏائون اڏ،
تون اکڙين مون، تون ئي اندر هڏ،
ڳل لڳي ڳالهہ چوان، ڪيهي حاجت سڏ .

11

جي سالورو سڌ لهي، ڪنولان سندي ڪاءِ،
تو پيو پاتال ۾، هوند نہ مٿي ڪاءِ.

12

روز محشر ڏينهڙي، ستر سج تپن،
سيوئي جر پائنيان، جي مون پرين مڙن.

13

ماوَ مصلو وير، هائي ويئي وساريون،
عيد ڪريندو ڪير، ماڪي سجڻ ڳڏيون.

14

جيئن ڦڦڙ ماهہ ۾، ائين روزا عيد نماز،
اجان آهي ڪائي ٻي، الله دي حاج.

15

ڏِيهُہ لتا سنجها پئي، اڳون آئي رات،
ڪڙا پڪاري پاتلي، ٻيڙ ڪر وات.

16

پريان سندي ڳالهڙي، مر منجهن لئي هوءِ،
ٻڌائين ٻين کي، ڪيهو ڪاج سريوءِ.

17

ڪڏهن ٻيڙيءَ ٻور، ڪڏهن ڦل نہ هڪڙو،
ڪڏهن پريان جا پور، ڪڏهن سڪان سڏ ڪي.

18

جي سائين سون سچ، توپوڪوڙا سٽڙي،
ايي ٽي ڪرنچ، توڙي اڱرڙا پلئہ.

19

لائي لام الف سان، ڪاتب لڪين جيئن،
مون هينئڙو پرين سان، لڳو آهي تيئن.

20

ڪايا مهہ ڏيئي، پينا جي درياهہ ۾،
پسندا سيئي، ماڻڪ اڪڙين سين.

21

ڪي ويجها ئي ڏور، ڪي ڏور ئي ولها،
هوئي جو سالور، لڏي نہ ڪنولان نهہ ڪر.

22

عين قصر در لڪ، ڪوڙين سهسين ڪڙڪيان،
جان ئي ڪرين پرک، تان ئي سجڻ سامهان.

23

پتو ڦٽو پيٽ ۾، وڍي ملان ماھُ،
ڏوئين ڏني ڏوڙ ۾، اللہ اوري آءُ.

24

ستو سڄي رات، مُھُ ڍڪي مُئن جيئن،
نہ تو سنپل تات، نہ جهوري تو آهہ ڪا.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books